REG NO. 3833
ABC Certified
روزاني
سنڌيار
سکر
ايڊيٽر: اعجاز مهر
www.dailysindhyar.com
sindhyarskr@gmail.com
(جلد 02) خميس 28 ڊسمبر 2023ع بمطابق 14 جمادي الاثاني 1445ھ (قيمت 05 روپيا) شمارو 212

آئين پارليامينٽ کي قانون سازي جو مڪمل اختيار ڏئي ٿو: پريڪٽس ڪيس جو تفصيلي فيصلو

آئين آرٽيڪل 3/184 جي فيصلي خلاف اپيل جو حق ڏيڻ جي قانوني شق تي 6 ججن اختلاف ڪيو : سپريم ڪورٽ

6 جي مقابلي ۾ 9 جي اڪثريت سان قانون ٺهڻ کانپوءِ اپيل جو حق آئيني قرار ڏنو وجي ٿو

اپيل جو حق ماضي کان ڏيڻ جي قانوني شق جي مخالفت 8 ججن ڪئي، پريڪٽس اينڊ پروسيجر ايڪٽ جو تفصيلي جائزو ورتو ويو

ايڪٽ سان ڪنهن قسم جا بنيادي حق متاثر نٿا ٿين، ايڪٽ انصاف تائين پهچ ۽ بنيادي حقن کي يقيني بڻائي ٿو

پريڪٽس اينڊ پروسيجر ايڪٽ خلاف درخواستون رد ڪيون وجن ٿيون : جاري ڪيل تفصيلي فيصلي جو متن

اسلام آباد (م ڀ) سپريم ڪورٽ پريڪٽس اينڊ پروسيجر ايڪٽ جو تفصيلي فيصلو جاري ڪري چڏيو 22 صفحن تي ٻڌل فيصلو

چيف جسٽس آف پاڪستان جسٽس قاضي فائز عيسيٰ لکيو آهي، سپريم ڪورٽ جيو ۽ آئين پارليامينٽ کي پريڪٽس اينڈ پروسيجر بابت قانون سازي جو مڪمل اختيار ڏئي ٿو آرٽيڪل 3/184 جي فيصلي خلاف اپيل جو حق ڏيڻ جي قانوني شق تي 6 ججن اختلاف ڪيو فيصلي ۾ چيو ويو آهي ته 6 جي مقابلي ۾ 9 جي اڪثريت سان قانون ٺهڻ کانپوءِ اپيل جو حق آئيني قرار ڏنو وجي ٿو

اسلام آباد: صدر ڊاڪٽر عارف علوي سان سينيٽ چيئرمين صادق سنجراڻي ملاقات ڪري رهيو آهي

27 ڊسمبر پاڪستان جي تاريخ جو افسوسناڪ ڏينهن هو: ميئر ڪراچي مرتضيٰ وهاب

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچيءَ جي ميئر مرتضيٰ وهاب چيو آهي ته 27 ڊسمبر پاڪستان جي تاريخ جو افسوسناڪ ڏينهن هو. ان ڏينهن تي شهيد بي بي کي خراڻين چاهيندڙن کان ڌار ڪري جمهوريت جي آواز کي هميشہ لاءِ بند ڪيو ويو. شهيد محترمہ بينظير ڀٽو جي برسي جي موقعي تي جاري ڪيل پيغام ۾ ڪراچي جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

پاڪستان غريب ملڪ ناهي، مسئلو اسلام آباد ۾ ويٺل ماڻهن جي سوچ جو آهي: آصف زرداري

اسان 73ع جي آئين کي بحال ڪيو. پاڪستان کي الله پاڪ وڏن وسيلن سان نوازيو آهي، پاڪستان غريب ملڪ نہ رڳو اسلام آباد غريب آهي

عوام جا مسئلا رڳو سياستدانن کي نظر اينداآهن، پ پ عوام سان ڪيل هر واعدو پورو ڪيو آهي، عوام جو حق سنياليو آهي ۽ اڳتي بہ عوام جو حق ادا کندا رهنداسين

بلاول جيڪي واعدا کيا آهن، اهي سڀ پورا کندو پنهنجي قول تان ڪڏهن ناهي ڦريو. عوام صبر کري، لحاظ کري، پاڪستان کي ٺاهيندا سين

شهيد ذوالفقار علي ڀٽو ريفرنس جي ٻڌڻي شروع ٿيڻ تي چئي سگهان ٿو تہ قرض لاهي چڏيو آهي: اڳوڻي صدر جو شهيد راڻي جي ورسي تقريب کي خطاب

سورهين ورسي جي موقعي تي ڳڙهي خدابخش ڀٽو سميت مختلف شهرن ۾ قران خواني ڪئي وئي، جيالن پاران رت جا ڏيئا ٻاري شهيد راڻي کي ڀيٽا پيش ڪئي وئي

ڳڙهي خدابخش: پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ۽ اڳوڻو صدر آصف علي زرداري شهيد راڻي جي ورسي تقريب کي خطاب ڪري رهيا آهن

لاڙڪاڻو/ ڳڙهي خدا بخش / نئون ديرو (نمائندن وٽان) پ پ جي شريڪ چيئرمين آصف علي زرداري چيو تہ پاڪستان غريب ملڪ ناهي پر اسلام آباد غريب آهي، مسئلو اسلام آباد ۾ ويٺل ماڻهن جي سوچ جو آهي تہ انهن جي سوچ نڪي جاڳي. ڳڙهي خدا بخش ۾ بينظير ڀٽو جي ورسي جي موقعي تي جلسي کي خطاب ڪندي آصف علي زرداري چيو تہ اسان 73ع جي آئين کي بحال /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

پارٽي منشور جو اعلان، ڪجهہ بين جي ڪلهي تي چڙهي سياست ڪن پيا: بلاول

شهيد محترمہ بينظير ڀٽو نہ رڳو هڪ تاريخي شخصيت پر هڪ زندهہ تحريڪ ۽ چراغ بہ آهي

شهيد محترمہ بينظير ڀٽو جي حب الوطني، لازوال جدوجهد ۽ ثابت قدم قيادت قوم جي دلين ۾ هميشہ زنده رهندي

منهنجي ماءُ هميشہ ملڪ کي حقيقي فلاحي رياست بڻائڻ جي عظيم مقصد لاءِ پرعزم رهي

ڳڙهي خدا بخش (رپورٽر) شهيد محترمہ بينظير ڀٽو جي 16 هين شهادت واري ڏهاڙي تي ڳڙهي خدابخش ڀٽو ۾ جلسي جون تياريون جاري آهن ڳڙهي خدا بخش ۾ ڪارڪنن ۽ اڳواڻن پاران سلسلو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06 پنهنجي قائد کي خراج عقيدت پيش ڪرڻ جو

پاڪستان طرفان جديد ترين نيويگيشن سسٽم سان ليس ميزائل جو ڪامياب تجربو

فتح 2 جديد ترين ايويونڪس ۽ اڏام جي منفرد رفتار سان ليس ميزائل آهي : آءِ ايس پي آر

هي ويپن سسٽم 400 ڪلو ميٽر جي حد تائين هدف کي نشانو بڻائڻ جي صلاحيت رکي ٿو

ٽنهي سروسز جي سينيئر آفيسرن، سائنسدانن ۽ انجنيئرن فتح 2 ميزائل جي ڪامياب تجربي جو مشاهدو ڪيو

راولپنڈي: پاڪستان طرفان جديد ترين نيويگيشن سسٽم سان ليس ميزائل جي ڪامياب تجربي جو ڏيک

راولپنڈي (م ڀ) پاڪستان جديد ترين نيويگيشن سسٽم سان ليس فتح 2 ميزائل جو ڪامياب تجربو ڪيو آهي. آءِ ايس پي آر موجب فتح /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

چمن جي بيروزگار نوجوانن کي هر مهيني 20 هزار رپيا ڏيڻ جو اعلان

ڪوئٽا (م ڀ) بلوچستان حڪومت چمن جي مقامي بيروزگار مائٹن کي خاص پيڪيج تحت 20 /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

مان عمران خان سان گڏ آهيان: جاويد هاشمي وڏو اعلان ڪري چڏيو

منهنجي تڪ اين اي 149 جا جيڪي ماڻهو آهن، اهي اسان جا باس آهن، انهن جي سامهون جهولي بہ جهلينداس

جيڪو پاڻ کي طاقتور سمجهندو آهي ان جو مقابلو ڪندو آهيان پر جمهوريت جي جهولي مان پنهنجي تڪ اڳيان جهلينداس

ملتان (م ڀ) سينيئر سياستدان جاويد هاشمي چيو آهي تہ پي ٽي آءِ سان جيڪو تي رهيو آهي، اهو تاريخ ۾ ڪنهن سان ناهي ٿيو. مان عمران خان ۽ پي ٽي آءِ سان گڏ آهيان. ملتان ۾ نامزدگي ڪاغذن جي اسڪروٽني ڪانپو، صحافين /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

عوام کي خبر آهي مشڪل وقت ۾ ڪير ملڪ چڏي پيو هو: مراد علي شاهہ جي نواز شريف تي تنقيد

پيپلز پارٽي جي خلاف ماضي ۾ بہ ڪيترائي اتحاد ٺهيا ۽ ناڪام ٿيا

هن پيري سنڌ ۾ اڻ تجربيڪار اتحاد ٺاهڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي

بشير ميمڻ پوليس وارو آهي ان کي سياست جو ايترو وڏو تجربو نہ آهي : اڳوڻو وڏو وزير

سيوهڻ: سنڌ جو اڳوڻو وڏو وزير سيد مراد علي شاهہ ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

سيوهڻ (رپورٽر) سنڌ جي اڳوڻي وڏي وزير سيد مراد علي شاهہ جيو آهي تہ نواز شريف ملڪ واپس اچڻ ۾ تمام گهڻي دير کري چڏي آهي. عوام /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

اسلام آباد هاءِ ڪورٽ 34 بلوچ شاگردن جي سيڙپ پريد جو حڪم ڏئي چڏيو

اسلام آباد (م ڀ) اسلام آباد هاءِ ڪورٽ بلوچ مارچ ۾ شرڪت ڪندڙ جي گرفتاري جي ڪيس /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

حڪومت گيس صارفين تي 232 ارب روپين جو اضافي بار وجهڻ جون تياريون شروع ڪري چڏيون

پهرين جنوري 2024 تائين جي مد ۾ گهريلو صارفين کان 232 ارب روپيه وصول ڪرڻ جي هدايت

مقامي گيس جي ڪوٽ سبب گيس سيڪٽر خطرن جو شڪار آهي : ذريعا

اسلام آباد (م ڀ) نگران حڪومت سنڌ صوبي جي مخالفت جي باوجود گهريلو صارفين تي پهرين جنوري 2024 کان 232 ارب روپيه وصول ڪرڻ جي هدايت آهي سوئي نادرن گيس پائپ لائين ڪمپني لميٽيڊ/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

اسان جي ليول پليئنگ فيلڊ عوام آهي، بلاول کي وزيراعظم جي ڪرسي تي ويهارينداسين: نثار کهڙو

اسان جي مخالفت ۾ اڄ جيڪي اتحاد ٺهي رهيا آهن، اهي سڀئي آئين، 18 هين ترميم ۽ اين ايف سي جي خلاف آهن

اتحاد ناهڻ وارا اتحاد ناهيندا رهن پر اسان جو اتحاد عوام سان آهي، چاڪاڻ تہ طاقت جو سرچشمو عوام آهي

شهيد بينظير ڀٽو جي شهادت تي آصف علي زرداري پاڪستان کپي جو نعرو هٽي ملڪ بچايو

لاڙڪاڻو: پ پ سنڌ جو صدر نثار کهڙو شهيد راڻي جي ورسي تقريب کي خطاب ڪري رهيو آهي

لاڙڪاڻو (رپورٽر) پ پ سنڌ جي صدر نثار کهڙي چيو آهي تہ اسان جي مخالفت ۾ اڄ جيڪي اتحاد ٺهي رهيا آهن، اهي سڀئي آئين، 18 هين ترميم ۽ اين ايف سي جي خلاف آهن. ڳڙهي خدا بخش ڀٽو ۾ جلسي کي خطاب ڪندي نثار کهڙي چيو تہ پلي بيا ليول پليئنگ فيلڊ لاءِ روڙندا وتن پر پ پ جي ليول پليئنگ فيلڊ عوام آهي، اسان عوام جي قوت سان ڪاميابي حاصل ڪنداسين ۽ بلاول ڀٽو زرداري کي پنهنجي والده وانگر وزارت عظميٰ جي ڪرسي تي ويهارينداسين. هن جيو تہ اتحاد ٺاهڻ وارا اتحاد ناهيندا رهن پر اسان جو اتحاد عوام سان آهي، چاڪاڻ تہ طاقت جو سرچشمو عوام آهي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

عمران خان جي نااهلي ختم ڪرڻ جي درخواست تي فوري طور ٻڌڻي جي اپيل رد

سپريم ڪورٽ ۾ هن هفتي توشا خانا نااهلي ڪيس جي ٻڌڻي ممڪن ناهي : قائم مقام چيف جسٽس سردار طارق مسعود

گهٽ ۾ گهٽ 3 رڪني بئنچ جي اهو ڪيس ٻڌڻ گهرجي، رڳو بہ جج موجود آهن

بہ رڪني بئنچ توهان کي عبوري رليف بہ نٿي ڏئي سگهي، چو تہ هاءِ ڪورٽ ۾ ڊويزن بئنچ جو فيصلو آهي

اسلام آباد (م ڀ) سپريم ڪورٽ پي ٽي آءِ باني عمران خان جي نااهلي ختم ڪرڻ جي درخواست تي فوري طور ٻڌڻي جي اپيل رد ڪري چڏي عمران خان جي نااهلي ختم ڪرڻ بابت درخواست جي ٻڌڻي تي قائم مقام چيف جسٽس سردار طارق /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

پ پ اجهي، ٿيءِ اتي جا ڪوڙا نعرا هٽي سنڌ جا وسيلا وڪٽي چڏيا: اياز لطيف پليجو

پ پ پندرهن سالن جي اقتداري دور دوران سنڌ کي تباهي ۽ ڪرپشن کان سواءِ ڪجهہ نہ ڏنو

پيپلز پارٽي سدائين سنڌي ماڻهن کان ووٽ وٺي پوءِ انهن جي پٺي ۾ خنجر هڻيندي آهي

حيدرآباد (رپورٽر) قومي عوامي تحريڪ جي سربراهہ اياز لطيف پليجو چيو تہ پيپلزپارٽي اجهي ٿيءِ اتي جا ڪوڙا نعرا هٽي سنڌ جون زمينون، ڪارونجهر، ٻيٽ، ٻاڻي ۽ وسيلا وڪٽي ميرٽ جي ٺاڙ ڪئي پنهنجي جاري ڪيل بيان ۾ اياز لطيف /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

ايم ڪيو ايم جو شهباز شريف لاءِ اين اي 242 تان هٽ نہ ڪٽڻ جو اعلان

مصطفيٰ ڪمال اين اي 242 تان نامزدگي ڪاغذن جي اسڪروٽني لاءِ آر او آفيس پهتو

اين اي 242 مني پاڪستان آهي، ان تڪ ۾ سموري ڪميونٽي جا ماڻهو رهن ٿا : مصطفيٰ ڪمال

ن ليگ جي دوستن سان اسان جا سٺا لاڳاپا آهن، اسان هڪبئي تي زور زبردستي ناهي ڪئي

ڪراچي: ايم ڪيو ايم اڳواڻ مصطفيٰ ڪمال ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

ڪراچي (رپورٽر) ايم ڪيو ايم پاڪستان ن ليگ صدر شهباز شريف لاءِ ڪراچي ۾ قومي اسيمبلي جي تڪ اين اي 242 تان هٽ نہ ڪٽڻ جو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

هوائي گدلاڻ سان چاتيءَ جي ڪينسر جو انڪشاف

واشنگٽن (م ڀ) هڪ نئين تحقيق مان خبر پئي آهي تہ هوائي گدلاڻ دل ۽ ڦڦڙن جي بيمارين کانسواءِ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 31

پاڪستان غريب ملڪ ناهي، مسئلو اسلام آباد ۾ ويٺل ماڻهن جي سوچ جو آهي: آصف زرداري

اسان 73ع جي آئين کي بحال ڪيو. پاڪستان کي الله پاڪ وڏن وسيلن سان نوازيو آهي، پاڪستان غريب ملڪ نہ رڳو اسلام آباد غريب آهي

عوام جا مسئلا رڳو سياستدانن کي نظر اينداآهن، پ پ عوام سان ڪيل هر واعدو پورو ڪيو آهي، عوام جو حق سنياليو آهي ۽ اڳتي بہ عوام جو حق ادا کندا رهنداسين

بلاول جيڪي واعدا کيا آهن، اهي سڀ پورا کندو پنهنجي قول تان ڪڏهن ناهي ڦريو. عوام صبر کري، لحاظ کري، پاڪستان کي ٺاهيندا سين

شهيد ذوالفقار علي ڀٽو ريفرنس جي ٻڌڻي شروع ٿيڻ تي چئي سگهان ٿو تہ قرض لاهي چڏيو آهي: اڳوڻي صدر جو شهيد راڻي جي ورسي تقريب کي خطاب

سورهين ورسي جي موقعي تي ڳڙهي خدابخش ڀٽو سميت مختلف شهرن ۾ قران خواني ڪئي وئي، جيالن پاران رت جا ڏيئا ٻاري شهيد راڻي کي ڀيٽا پيش ڪئي وئي

لاڙڪاڻو/ ڳڙهي خدا بخش / نئون ديرو (نمائندن وٽان) پ پ جي شريڪ چيئرمين آصف علي زرداري چيو تہ پاڪستان غريب ملڪ ناهي پر اسلام آباد غريب آهي، مسئلو اسلام آباد ۾ ويٺل ماڻهن جي سوچ جو آهي تہ انهن جي سوچ نڪي جاڳي. ڳڙهي خدا بخش ۾ بينظير ڀٽو جي ورسي جي موقعي تي جلسي کي خطاب ڪندي آصف علي زرداري چيو تہ اسان 73ع جي آئين کي بحال /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

ڳڙهي خدابخش: پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ۽ اڳوڻو صدر آصف علي زرداري شهيد راڻي جي ورسي تقريب کي خطاب ڪري رهيا آهن

لاهور: اين اي 127 تي بلاول ڀٽو جي نامزدگي ڪاغذن تي اعتراض داخل

پيپلز پارٽي ۽ پيپلز پارٽي پارليامينٽرين ڌار ڌار سياسي پارٽيون آهن : شهري ايازپيپلز پارٽي جو چونڊ نشان تلوار ۽ پيپلز پارٽي پارليامينٽرين جو چونڊ نشان تير آهي

لاهور (م ڀ) لاهور جي تڪ اين اي 127 تان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو جي نامزدگي ڪاغذن تي اعتراض داخل ڪيو ويو آهي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

اڳوڻو گهرو وزير فيصل صالح حيات (ن) ليگ ۾ شامل

علائقي جي معزز شخصيتن ۽ روڙن مسلم ليگ (ن) ۾ شامل ٿيڻ جي راءِ ڏني : فيصل صالح حيات

مون (ن) ليگ ۾ شموليت جو فيصلو ڪيو آهي : نجي ٽي وي چئنل سان ڳالهيون

اسلام آباد (م ڀ) اڳوڻي گهرو وزير مخدوم فيصل صالح حيات نئين منزل ٽئي ڪندي پاڪستان مسلم ليگ (ن) ۾ شامل ٿي ويو آهي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

جيتري گهٽ بجلي استعمال ٿيندي، ايتري قيمت وڌندي: نيپرا جو انوڪو منطق

نيپرا ڏيتا جي وڏيڪ جاج ڪانپوءِ تفصيلي فيصلو ۽ نوٽيفڪيشن جاري ڪندي

واڌ سان سيلز ٽيڪس سميت صارفين تي 40 ارب روپين جو واڌو بار پوندو

اسلام آباد (م ڀ) نيپرا نومبر جي ماهوار فيول ايڊجسٽمينٽ جي مد ۾ بجلي 4 روپيا 66 پئسا في يونٽ مهانگي ڪرڻ جي سينٽرل پاور پرچيزنگ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

پي ٽي آءِ باني اليڪشن نہ وڙهي سگهندو: منظور وسان

پي ٽي آءِ جي باني جي اليڪشن وڙهڻ جو ڪو بہ امڪان ناهي

12 جنوري تائين اليڪشن جي حوالي سان ڪجهہ بہ ٿي سگهي ٿو

خيرپور (رپورٽر) پ پ اڳواڻ منظور وسان جو چوڻ آهي تہ پي ٽي آءِ جو چونڊ نشان بحال ٿي ويو آهي، پي ٽي آءِ جي باني جي اليڪشن وڙهڻ جو ڪو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

ويسٽ بئنڪ ۾ اسرائيلي ڊرون حملو، 6 فلسطيني شهيد

فلسطيني مزاحمتي گروپن غزہ ۾ زميني ڪارروائي ڪندي اسرائيلي فوج تي حملو ڪيو

اسرائيلي ٽينڪن تي راڪيٽن سان حملا ڪيا ويا، اسرائيلي فوجين کي آءِ ايف وي سان نشانو بڻايو ويو

غزہ (م ڀ) ويسٽ بئنڪ ۾ اسرائيلي ڊرون حملي ۾ 6 فلسطيني شهيد ٿي ويا، تلڪر ۾ اسرائيلي فوج جو وڏو آپريشن جاري آهي. فلسطيني /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

غزہ: ويسٽ بئنڪ ۾ اسرائيلي ڊرون حملي ۾ ٽيل تباهي جو ڏيک

يمني حوثين جو آمريڪا سامونڊي جهاز تي حملو

فلسطينين سان يڪجهتي جو اظهار ڪندي ڳاڙهي سمنڊ ۾ سامونڊي جهاز تي ميزائل حملا ڪيا : يمني

سامونڊي جهاز آمريڪا جو هو جنهن جي سڃاڻپ ايم ايس سي يونائيٽڊ جي طور ڪئي وئي آهي

ڪراچي (م ڀ) يمني حوثين ڳاڙهي سمنڊ ۾ آمريڪا جي سامونڊي جهاز تي حملو ڪري ڏنو پڌري پيغام ڏنو. پڌري خبرداري ۽ دعويٰ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

تعليمي ميدان ۾ پاڪستان کي وڏو اعزاز ملي ويو

پرنسپل بينش سعيد بهترين ايشين پرنسپل جو ايوارڊ کٽي ورتو

بينڪاڪ ۾ ايشين ايجوڪيشن ڪنڪليو منعقد ڪيو ويو

بينڪاڪ (م ڀ) ٽاءِ لينڊ جي راڄڌاني بينڪاڪ ۾ بيست ايشين پرنسپل جي مقابلي ۾ ڪينيا جي پبلڪ اسڪول ۽ ڪاليج ملتان جي پرنسپل بينش /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

ڪنڊڪوٽ: زمين تي پيل مارٽر گولو ڦاٽڻ سبب بہ ٽينگر فوت، بہ ڄڻا سخت زخمي

زمين ۾ پيل مارٽر گولو ڦاٽڻ سبب زوهيب ۽ 13 سالن جو آڪاش پيو ٿڏي تي فوت ٿي ويا

وارثن پاران فوتين ٽينگرن ۽ زخمين کي ڪنڊڪوٽ جي سرڪاري اسپتال منتقل ڪيو ويو

ڪنڊڪوٽ (رپورٽر) ڪنڊڪوٽ پرسان درآڻي مهر ٽائي جي حد ڳوٺ قياس خان پير ۾ زمين تي پيل مارٽر گولو ڦاٽڻ سبب زوهيب ۽ 13 سالن جو آڪاش پيو ٿڏي تي فوت ٿي ويا /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

مودي ۽ جو سعودي ولي عهد سان رابطو

پارٽي وزيراعظر سعودي ولي عهد شهزادي محمد بن سلمان سان رابطو ڪيو

رابطي دوران گڏيل دلچسپي جي معاملن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي

نئين دهلي (م ڀ) پارٽي وزيراعظر نريندر مودي سعودي ولي عهد شهزادي محمد بن سلمان سان فون تي رابطو ڪيو آهي. پڙهيهي خابرو اداري مرچ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

شاهہ محمود قريشي سائيفر ڪيس ۾ اديالا جيل مان آزاد ٿيڻ بعد جي ايڇ ڪيو حملي ڪيس ۾ گرفتار ڪيو

راولپنڈي پوليس شاهہ محمود قريشي کي جي ايڇ ڪيو حملي ڪيس ۾ گرفتار ڪيو

پوليس جي وڏي نفري شاهہ محمود قريشي کي اديالا جيل مان ڪٿي روانو ٿي وئي ۽ ڪيس نامعلوم هنڌ تي منتقل ڪيو ويو

شاهہ محمود قريشي خلاف 9 مئي سانحي ۾ جي ايڇ ڪيو تي حملي جو ڪيس آر اي بازار ٽائي ۾ داخل ٽيبل آهي : پوليس

راولپنڈي (م ڀ) تحريڪ انصاف جي وائيس چيئرمين شاهہ محمود قريشي کي سائيفر ڪيس ۾ اديالا جيل مان آزاد ٿيڻ جي فورن بعد جي ايڇ ڪيو حملي ڪيس ۾ گرفتار ڪيو ويو آهي. راولپنڈي پوليس شاهہ محمود قريشي کي جي ايڇ ڪيو حملي ڪيس ۾ گرفتار ڪيو. پوليس جي وڏي نفري شاهہ محمود قريشي کي اديالا جيل مان ڪٿي روانو ٿي وئي ۽ ڪيس نامعلوم هنڌ تي منتقل ڪيو ويو. پوليس موجب شاهہ محمود قريشي خلاف 9 مئي سانحي ۾ جي ايڇ ڪيو تي حملي جو ڪيس آر اي بازار ٽائي ۾ داخل ٽيبل آهي. پي ٽي آءِ اڳواڻ کي اڄ يا سياڻي دهشتگردي جي اٺت واري عدالت /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

راولپنڈي: پوليس شاهہ محمود قريشي کي جي ايڇ ڪيو حملي ڪيس ۾ گرفتار ڪندي

برآمدن ۾ وڏي واڌ، واپاري خساري ۽ درآمدن ۾ گهٽتائي رکارڊ

ڊسمبر جي پهرين 20 ڏينهن ۾ سالياني بنيادن تي برآمدن ۾ 33.1 سيڪڙو واڌ رکارڊ ڪئي وئي آهي : ناٿي واري وزارت

پهرين ڪان 20 ڊسمبر تائين برآمدون هڪ ارب 92 ڪروڙ ڊالر رهيون : ذريعا

گذريل سال ان ئي عرصي ۾ برآمدن جو ڪاٿو هڪ ارب 45 ڪروڙ ڊالر هو

اسلام آباد (م ڀ) سال 2023ع جي آخري مهيني برآمدن ۾ وڏي واڌ ڏني وئي، جڏهن تہ واپاري خساري ۽ درآمدن ۾ گهٽتائي رکارڊ ڪئي وئي آهي. ناٿي واري وزارت جي ڏيڪن موجب ڊسمبر جي پهرين 20 ڏينهن ۾ سالياني بنيادن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

افغانين کي غير قانوني طور سيڙپ ڪارڊ ناهي ڏيندڙ نادرا جا 4 اڳوڻا آفيسر گرفتار

ايف آءِ اي جعلي سيڙپ ڪارڊ ٺاهڻ ۾ ملوث 4 رڪني گروهہ کي گرفتار ڪري ورتو

گرفتار حوالدار نادرا ميگا سينٽر اسلام آباد ۾ مقرر هئا، هنن 2019ع کان 2020ع ۾ پرڏيهين کي سيڙپ ڪارڊ جاري ڪيا : ايف آءِ اي

اسلام آباد (م ڀ) ايف آءِ اي جعلي سيڙپ ڪارڊ ٺاهڻ ۾ ملوث نادرا جي 4 اڳوڻن آفيسرن کي گرفتار ڪري ورتو. گرفتاري ڪندي جعلي سيڙپ ڪارڊ ٺاهڻ ۾ ملوث 4 رڪني گروهہ کي گرفتار ڪري ورتو. ڪارروائي وفاقي جاچ اداري (ايف آءِ اي) گرفتار /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

ڳڙهي خدا بخش ويندڙ جيالن جي وين سان حادثو، ڊرائيور فوت، 30 کان وڌيڪ ڇٽا زخمي

محترمہ بينظير ڀٽو جي ورسي لاءِ نڪتل ڏوم گاڏيءَ جو مهراڻ هاءِ وي تي پير پيڊرو اسٽاپ وٽ وين سان زوردار ٽڪر ٿي پيو

حادثي جي نتيجي ۾ وين ڊرائيور محمد جان فوت جڏهن تہ 30 کان وڌيڪ مسافر زخمي ٿي پيا

اطلاع تي ريسڪيو ٽيمن ۽ سينارجا پوليس پهچي زخمين کي ۾ گمبٽ جي گمس اسپتال منتقل ڪيو

سينارجا: شهيد راڻي جي ورسي ۾ ويل جيالن جي وين سان حادثي جو ڏيک

سينارجا (رپورٽر) سينارجا ويجهو ڳڙهي خدا بخش ڀٽو شهيد محترمہ بينظير ڀٽو جي ورسي تي ويندڙ جيالن جي ڏوم گاڏي ءوين ۾ ٽڪر ٿيڻ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

ڊالر جي بي قدري جاري، روپيو وڌيڪ مضبوط ٿي ويو

ڪراچي (م ڀ) پاڪستاني روپئي جي پيٽ ۾ آمريڪي ڊالر وڌيڪ سستو ٿي ويو. اسٽيٽ بئنڪ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

ٽارگيٽ ڪلنگ جاري، فائرنگ ۾ هڪ ڄڻو مارجي ويو

ٽارگيٽ ڪلنگ جو اهو واقعو ڪراچي جي علائقي ڪورنگي ضياءَ ڪالوني ۾ پيش آيو

فائرنگ ڪري هڪ ڄڻو مارجي ويو. واقعي جي سي سي ٽي وي فوٽيج بہ سامهون آئي

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي ۾ ٽارگيٽ ڪلنگ جا واقعا بند نہ ٿي سگهيا. جنهن سبب هڪ ڄڻو مارجي ويو. واقعي جي علائقي ڪورنگي ضياءَ ڪالوني ۾ حياتي وڃائي ويلو ٽارگيٽ ڪلنگ جو اهو واقعو ڪراچي جي علائقي ڪورنگي ضياءَ ڪالوني ۾ پيش آيو جنهن جي فوٽيج سامهون آئي. پيش آيو جنهن فائرنگ کري هڪ ڄڻو مارجي ويو. واقعي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

شڪارپور ۾ مفيد تبديلين سان وفاقي محتسب جي آفيشل ويب سائيٽ لانچ ڪئي وئي

وفاقي محتسب جي ريجنل انچارج سيد محمود علي شاهه نئين ويب سائيٽ جو افتتاح ڪيو

اهم معلومات ۽ مواد پيش ڪرڻ کان علاوه ان جي رفتار ۾ اضافو پڻ ڪيو ويو آهي: محمود علي شاهه

وفاقي محتسب سيڪريٽريٽ جي اعليٰ آفيسرن ۽ علاقائي آفيسن جي سربراهن آن لائن شرڪت ڪئي

سکر(بيورو رپورٽ) وفاقي محتسب جي نئين ويب سائيٽ جديد ۽ وڌيڪ فعال تبديلين سان شروع ڪئي وئي آهي. جنهن ۾ اردو ۾ اهم معلومات ۽ مواد پيش ڪرڻ کان علاوه ان جي رفتار ۾ اضافو پڻ ڪيو ويو آهي. ويب سائيٽ ۾ وفاقي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

سکر: محمود علي شاهه تقريب کي خطاب ڪري رهيو آهي

مانجهند پرسان انڊس هاءِ وي تي حادثو، بارڻ سميت 4 ڄڻا زخمي، اسپتال منتقل

سيوهڻ کان ٺٽي طرف ويندڙ ڪار جو بيٽل بر جي ٽرڪ کي پويان ٽڪر لڳڻ سبب چار زخمي

زخمين ۾ ڪار سوار سرور بهاري، سندس زال مهوش 2 ٻارڙا عبدالله ۽ سميرشامل، اسپتال داخل

مانجهند(رپورٽر: مهراڻ عمراڻي) مانجهند پرسان انڊس هاءِ وي تي حادثو بارڻن سميت 4 ڄڻا زخمي اسپتال منتقل تفصيل موجب مانجهند پرسان علي آباد ريجهر سيوهڻ کان ٺٽي طرف ويندڙ ڪار جو بيٽل بر جي ٽرڪ کي پويان ٽڪر لڳڻ جي نتيجي ۾ بارڻن سميت 4 ڄڻا زخمي ٿي پيا زخمين ۾ ڪار سوار سرور بهاري، سندس زال مهوش 2 ٻارڙا عبدالله ۽ سميرشامل آهن زخمي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

نوشهروفيروز جي صحافي تي ٿي ايم او لياقت پٽي پاران ڪيس داخل ٿيڻ خلاف احتجاج

آل پروفيشنل نيوز پرسنز الائنس ضلع نوشهروفيروز پاران احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو، نعريبازي

الائنس ضلع صدر محمد عادل عباسي ۽ جوائنٽ سيڪريٽري ثناءَ الله عباسي پاران احتجاجي مظاهرو

صحافي ماجد تڪر تي داخل ڪيل ڪوڙي ايف آءِ آر ختم نه ٿي سخت احتجاج ڪنداسين: مظاهري جو چتاءَ

نوشهرو فيروز(رپورٽر: اسد علي عمراڻي) نوشهروفيروز جي صحافي ماجد تڪر تي ايم او لياقت پٽي نوشهرو فيروز پاران ڪوڙي ايف آءِ آر داخل ٿيڻ خلاف آل پروفيشنل نيوز پرسنز الائنس ضلع نوشهروفيروز پاران احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو جنهن جي اڳواڻي آل پروفيشنل نيوز پرسنز الائنس ضلع صدر محمد عادل عباسي جوائنٽ سيڪريٽري ثناءالله عباسي انفارميشن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

نوشهروفيروز جي صحافي تي ٿي ايم او لياقت پٽي پاران ڪيس داخل ٿيڻ خلاف احتجاج ڪيو ويو

شڪارپور ۾ مفيد تبديلين سان وفاقي محتسب جي آفيشل ويب سائيٽ لانچ ڪئي وئي

وفاقي محتسب جي ريجنل انچارج سيد محمود علي شاهه نئين ويب سائيٽ جو افتتاح ڪيو

اهم معلومات ۽ مواد پيش ڪرڻ کان علاوه ان جي رفتار ۾ اضافو پڻ ڪيو ويو آهي: محمود علي شاهه

وفاقي محتسب سيڪريٽريٽ جي اعليٰ آفيسرن ۽ علاقائي آفيسن جي سربراهن آن لائن شرڪت ڪئي

شڪارپور(عبدالخالق سوسرو) نئين ۽ مفيد تبديلين سان وفاقي محتسب جي آفيشل ويب سائيٽ لانچ ڪئي وئي آهي ۽ عوام جي سهولت لاءِ اهم مواد جو اردو ۾ ترجمو پڻ شامل ڪيو ويو آهي. وفاقي محتسب سڪر جي ريجنل انچارج سيد محمود علي شاه موجب وفاقي محتسب جي نئين ويب سائيٽ جديد ۽ وڌيڪ فعال تبديلين سان شروع ڪئي وئي آهي، جنهن ۾ اردو ۾ اهم معلومات /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

چڪ جي رهواسي پاران قتل ٿيل نوجوان جا جوابدار گرفتار نه ٿيڻ خلاف احتجاجي مظاهرو

عابد حسين سولنگي، علي حسن، وزير علي، مائي عظيمان، ممتاز خاتون احتجاجي مظاهرو ڪيو

ٻن ڏينهن بعد نوجوان جو تشدد ٿيل لاش دبر ٽاٽي جي حد مان پوليس کي مليو آهي: عابد حسين سولنگي

قاتلن جي نشاندهي بعد پوليس ڪيس داخل ڪرڻ کان انڪاري آهي ۽ الزام هيٺ آيلن کي گرفتار ڪرڻ لاءِ تيار ناهي

سکر(رپورٽ)امداد علي ڪلوڙ، علي حسن، وزير علي، مائي عظيمان، ممتاز خاتون، مسمات رضيا، ميرحسن سولنگي ۽ ٻين معصوم بارڻن سان گڏجي پوليس خلاف سکر پريس ڪلب ٻاهران /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

چڪ جي رهواسي پاران قتل ٿيل نوجوان جا جوابدار گرفتار نه ٿيڻ خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

سکر باغ ڪرم علي شاهه ميمڻ محلا واسي پاران جوابدارن جي گرفتاري خلاف احتجاج

ڪرم علي شاهه ميمڻ محلا واسي ذيشان، دلشاد، مائي اميران خاتون ۽ ٻين احتجاجي مظاهرو

يوسي نمبر 6 ٻراڄ ڪالوني جي آفيس مان جاري ڪيل فوتي سرٽيفڪيٽ ۾ ڪئي وئي آهي: مظاهرين

فوتي جي پٽن مٿان سکر جي اي سيڪشن ٽاٽي تي چوري ۽ جهيڙو ڪرڻ جا 3 ڪيس داخل آهن، جاچ ڪرائي وڃي

سکر(رپورٽر) سکر باغ ڪرم علي شاهه ميمڻ محلا واسي ذيشان، دلشاد، مائي اميران خاتون ۽ ٻين ڊاڪٽر خلاف احتجاج ڪندي ڊاڪٽر نذير ڪوڪر، مخدوم بلاول، عطا محمد پٽ محمد اعظر مگريو ۽ ٻين 85 ڏينهن احتجاج /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

نصرت ڪالوني نمبر هڪ واسي 55 ورهين جي علي محمد گدائي جو موت ڪنهن حادثي يا ڏڪ لڳڻ سبب نه ٿيو آهي، پر هن جو موت طبي ٿيو. اهڙي تصديق پوسٽمارٽم رپورٽ ۾ ڪئي وئي آهي. ڪالوني جي آفيس مان جاري ڪيل فوتي سرٽيفڪيٽ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

ڪنب مهراڻ هاءِ وي تي ٻوم ۽ وين ۾ ٽڪر، 4 عورتن سميت 22 ڄڻا زخمي، اسپتال داخل

چونڊ ڪو ڪان ڪراچي ويندڙ ٻوم ۽ وين ۾ آهون سامهون ٽڪر سبب ورسي تي ويندڙ زخمي

گڙهي خدا بخش پٽو شهيد بينظير پٽو جي ورسي تي ويندڙ محمد سليم دزڪائي ۽ ٻيا زخمي

نادر، خدا بخش، شهمير، شوڪت علي، محمد جهان، انور علي، بابر علي، نعيم احمد، انيلا شام

ڪنب(رپورٽر) ڪنب مهراڻ هائي وي تي ٻوم ۽ وين ۾ ٽڪر 4 عورتن سميت 22 ڄڻا زخمي 5 جي حالت نازڪ نوابشاه اسپتال منتقل خبر موجب ڪنب نوابشاه مهراڻ هائي وي پير ٻيڙو اسٽاب وٽ چونڊ ڪو ڪان ڪراچي ويندڙ ٻوم ۽ وين ۾ آهون سامهون ٽڪر جي نتيجي ۾ شهداد پور کان گڙهي خدا بخش پٽو شهيد بينظير پٽو جي ورسي تي ويندڙ محمد سليم دزڪائي، غلام /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

سکر باغ ڪرم علي شاهه ميمڻ محلا واسي پاران جوابدارن جي گرفتاري خلاف احتجاج

ڪرم علي شاهه ميمڻ محلا واسي ذيشان، دلشاد، مائي اميران خاتون ۽ ٻين احتجاجي مظاهرو

يوسي نمبر 6 ٻراڄ ڪالوني جي آفيس مان جاري ڪيل فوتي سرٽيفڪيٽ ۾ ڪئي وئي آهي: مظاهرين

فوتي جي پٽن مٿان سکر جي اي سيڪشن ٽاٽي تي چوري ۽ جهيڙو ڪرڻ جا 3 ڪيس داخل آهن، جاچ ڪرائي وڃي

سکر(رپورٽر) سکر باغ ڪرم علي شاهه ميمڻ محلا واسي ذيشان، دلشاد، مائي اميران خاتون ۽ ٻين ڊاڪٽر خلاف احتجاج ڪندي ڊاڪٽر نذير ڪوڪر، مخدوم بلاول، عطا محمد پٽ محمد اعظر مگريو ۽ ٻين 85 ڏينهن احتجاج /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

نصرت ڪالوني نمبر هڪ واسي 55 ورهين جي علي محمد گدائي جو موت ڪنهن حادثي يا ڏڪ لڳڻ سبب نه ٿيو آهي، پر هن جو موت طبي ٿيو. اهڙي تصديق پوسٽمارٽم رپورٽ ۾ ڪئي وئي آهي. ڪالوني جي آفيس مان جاري ڪيل فوتي سرٽيفڪيٽ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

دادو ۾ بينظير پٽو شهيد هيومين ريسورس رسيرچ سينٽر ۾ بينظير پٽو جي شهادت جي تقريب

دادو ۾ شهيد محترمه بينظير پٽو جي شهادت جو ڏهاڙو وڏي عقيدت ۽ احترام سان ملهايو ويو

شاگردياڻين شمائون روشن ڪري گل نچاور ڪرڻ بعد 2 منٽن جي خاموشي ڪري ٻيٽا پيش ڪئي

خواب کي پورو ڪندي اسان هڪ الڳ اهم مقام حاصل ڪندي پنهنجي روزگار کي هٿي ڏيارينداسين

دادو(رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) دادو ۾ بينظير پٽو شهيد هيومين ريسورس رسيرچ اينڈ ٽريننگ سينٽر دادو ۾ شهيد محترمه بينظير پٽو جي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

ڪوٽڙيجي ٽاٽي جي حد ڳوٺ رين راڄپر پرسان 6 هٿياربندن حملو، پاتين تي تشدد

ڪوٽڙيجي(رپورٽر:) ڪوٽڙيجي ٽاٽي جي حد ڳوٺ رين راڄپر پرسان 6 هٿياربندن جو حملو بزرگ پورهيت سيد عباس علي شاهه جي گهر تي حملو ڪري عورتن معصوم بارڻن سميت گهر پاتين کي تشدد جو نشانو بڻايو. جنهن جي نتيجي ۾ سيد عباس علي شاهه سندس پٽ سيد امام علي شاهه سخت زخمي ٿي پيا آهن هنن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

دادو ۾ بينظير پٽو شهيد هيومين ريسورس رسيرچ سينٽر ۾ بينظير پٽو جي شهادت جي تقريب وقت گروپ فوٽو

سنڌ جي ڏڪيائون ختم ناهن ٽيون جنهن ڪري ميدان ۾ لٿي آهيان: رشيده پٽي

پي ايس 22 تي آزاد اميدوار جي حيثيت سان فارم پريوجيڪو منظور ٿي چڪو آهي

اسان جا نوجوان نوڪريون روگار نه ملڻ ڪري خودڪشيون ڪرڻ تي مجبور آهن: ڳالهيون

سکر(رپورٽ امداد علي گل ڪلوڙ) سنڌ جي عوام جون ڏکيائون ختم ناهن ٽيون جنهن ڪري ميدان ۾ لٿي آهيان سکر جي صوبائي تڪ پي ايس 22 تي آزاد اميدوار جي حيثيت سان فارم پريوجيڪو منظور ٿي چڪو آهي. ڪنڊس اهڙن خيالن جو اظهار سکر جي ٻنو عاقل جي رهواسيءَ پي ايس پاڙي جي آزاد اميد وار سياسي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

ناروشاهه پرسان ڳهٽي جي لنگهه تان جهيڙو، هٿياربندن گولين هڻي هڪ کي زخمي ڪري چڏيو

ڳوٺ دريا خان ڌهراج ۾ ڳهٽي جي لنگهه تان جهيڙو ٿيو، هٿياربندن سعيد ڌهراج کي گولين هنيون

نوجوان کي جوڳي حالت ۾ اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي جتي ڪيس طبي امداد فراهم ڪئي پئي وڃي

ناروشاهه(رپورٽر) ناروشاهه پرسان ڳهٽي جي لنگهه تان جهيڙو، هٿياربندن گولين هڻي هڪ جڻي کي زخمي ڪري چڏيو ، ڳوٺ دريا خان ڌهراج ۾ ڳهٽي جي لنگهه تان جهيڙو ٿيو، جنهن بعد هٿياربندن دڪان تي ويڙل سعيد ڌهراج کي جنگهه ۾ گولين هڻي زخمي ڪري رڙو، زخمي کي ڳٽنتي جوڳي حالت ۾ اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي جتي ڪيس طبي امداد فراهم ڪئي پئي وڃي

ناروشاه: ڳهٽي جي لنگهه تان جهيڙو، هٿياربندن گولين هڻي هڪ کي زخمي ڪري چڏيو

نوشهرو فيروز ۾ باءِ پاس تي ٽرالر جو رڪشا کي زوردار ٽڪر، رڪشي سوار هڪ فوت

باءِ پاس تي ٽرالر اوچتو پٽي ٽرالر کي ڪراس ڪيو سامهون اندڙ رڪشا کي زوردار ٽڪر هنيو

حادثي جي نتيجي ۾ مزدور عاقب کوکر ويل مٽياٽي شهر ٽڏي تي فوت ٿي ويو، گهر ۾ ڪهرام مچ

نوشهرو فيروز(رپورٽر: منظور ملڪ) باءِ پاس تي ٽرالر جو رڪشا کي زوردار ٽڪر رڪشي سوار هڪ فوت هڪ زخمي نورپور ڪان ڪاهو نوشهرو جي آڇي آهيان سکر جي صوبائي تڪ پي پٽي ٽرالر کي ڪراس ڪيو سامهون اندڙ رڪشا کي زوردار ٽڪر هنيو جنهن جي نتيجي ۾ مزدور عاقب کوکر ويل مٽياٽي شهر ٽڏي تي فوت ٿي ويو. گهر ۾ ڪهرام مچ ويو سخت زخمي ٿي پيو زخمي لاش کي پوليس ڪٻاٽي سول اسپتال پهچايو ضروري ڪاروائي کان پوءِ لاش وارثن حوالي ڪيو لاش گهرو پهچڻ تي گهر ۾ ڪهرام مچي ويو

مني ۾ ڊي سي پاران جنرل اليڪشن 2024 جي تيارين بابت هڪ اهم اجلاس، عملدارن پاران بريفنگ

عبدالحليم جاگيراڻي جي صدارت هيٺ جنرل اليڪشن 2024 جي تيارين بابت هڪ اهم اجلاس منعقد ٿيو

شير خان لغاري سميت تعليم، صحت، ورڪس اينڊ سروسز ڪاتي، حيسڪو ۽ ٻين ڪاتن جي آفيسرن شرڪت ڪئي

ضلعي ۾ تعلقا اسپتالن سميت قائم صحت مرڪزن ۾ مڪمل بندوبست رکيو وڃي، ڪوتاهي برداشت نه ڪبي: ڊي سي

مني(رپورٽر) ضلعي رٽرننگ آفيسر/ ڊپٽي ڪمشنر ٽڻپارڪر عبدالحليم جاگيراڻي جي صدارت هيٺ جنرل اليڪشن 2024 جي تيارين بابت هڪ اهم اجلاس ڊپٽي ڪمشنر آفيس مني ۾ منعقد ٿيو. ڪانفرنس هال ۾ منعقد ٿيل اجلاس ۾ ايڊيشنل /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

چيلهار ۾ جيالن پاران مسڪين عام ماڻهن سان اليڪشن ڪان اڳ ۾ ئي ٻڌي شروع

مني(رپورٽر) مني لڳ چيلهار جيالن پاران مسڪين عام ماڻهن سان اليڪشن ڪان اڳ ۾ ٻڌي شروع. خاص جيالا سڏائيندڙ رڳو جلسي ۾ وڃڻ لاءِ تيار واري وقت رڳو فوٽو ڪيرائي پاسيرا ٿي ويا. خبر موجب گذريل رات ديرسان محترمه بينظير جي ورسي ۾ شرڪت لاءِ ٽائون چيئرمين بهاري راڄڙ جي اگواڻي ۾ ويندڙ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

مني ۾ ڊي سي پاران جنرل اليڪشن 2024 جي تيارين بابت هڪ اهم اجلاس ٿي گذريو

سيڪريٽري صحت فنڊ جاري نه ڪيا، بدين ۾ 12 سئو ملازم 3 مهينن جي پگهارن کان محروم

بدين ۾ انڊس ڊي ايڇ ڪيو جي 12 سئو ملازمن کي 3 مهينن کان پگهارون جاري نه ٿيون آهن

سيڪريٽري صحت بدستور انڊس جا فنڊ بند ڪرڻ ۾ رڪاوٽ بنيل آهي، ملازم پريشان آهن: اڳواڻ

بدين (رپورٽر: مرتضي ميمڻ) لاڙ پٽ جي سڀ کان وڏي اسپتال انڊس اسپتال بدين کي نگران حڪومت بجيٽ جاري نه ڪئي 12 سئو ملازم فنڊ نه هجڻ جي ڪري اسپتال جا گهٽا شعبا اڳ بند ڪيا ويا هڻا هاڻ او پي ڊي به بند ڪئي ويئي آهي گڏريل چئن مهينن کان پگهارن کان محروم، ڊاڪٽر ۽ عملي انڊس اسپتال جي اربي ڊي ۽ ايمرجنسي شعبي جي سروس بند ڪري مين گيٽ اڳيان احتجاجي مظاهرو ڀهراڙين ۽ ٻري ٻري کان اينڊ مريض دربدر ٿي ويا مختلف بيمارين ۾ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

پي ايس 76 ميرپور ساڪرو ۾ ننڍي چونڊ ۾ حصو ونندڙ اميدوارن جي نامزدگي فارمن جي چنڊ چاڙ جاري

اڳوڻي اسسٽنٽ اٽارني جنرل ۽ نالیواري قانوندان سيد جميل شاه بخاري جا نامزدگي جا فارم منظور ڪيا ويا

پي ايس 76 تان پاڪستان تحريڪ انصاف جي اميدوار ميڊم زيب النساءِ جلباڻي جا نامزدگي ڪاغذ رد ڪيا ويا

پيپلز پارٽي جي اميدوارن جا نامزدگي ڪاغذ يا پارٽي کان باغي اميدوارن جا نامزدگي ڪاغذ منظور ڪيا پيا وڃن: الزام

ٽنڊو (رپورٽر: جاويد لطيف ميمڻ) اليڪشن فارمن جي جانچ پڙتال جي ٽئين ڏينهن تي پٻ قومي اسيمبلي جي تڪ اين اي 225 ٽنڊو ۽ ٻن صوبائي تڪن پي ايس 75 ٽنڊو ۽ پي ايس 76 ميرپور ساڪرو ۽ ننڍي چونڊ ۾ حصو ونندڙ اميدوارن جي نامزدگي ڪاغذن جي چيڪنگ جر عمل جاري رهيو قومي اسيمبلي جي تڪ اين اي 225 تان پاڪستان تحريڪ انصاف جي اميدوار اڳوڻي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

ٽنڊو وايا درگاهه حضرت شاهمراد شاه شيرازي روڊ تي سر نالي وٽ ٽنڊي ڪان پنهنجي گهر ويندڙ شير محمد جاٽوءِ دلدار جا ڪو ڪان 3 نامعلوم موٽر سائيڪل سوار هٿياربند قورن هٿيارن جي زور تي 125 موٽر سائيڪل ڦر ڪري فرار ٿي ويو. اطلاع ملڻ تي پوليس ڪي ڊنو ويو، اطلاع ملندي ئي ايس ايڇ او ٽنڊو قربان ملاح /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

ٽنڊو وايا درگاهه حضرت شاهمراد شاه شيرازي روڊ تي سر نالي وٽ ٽنڊي ڪان پنهنجي گهر ويندڙ شير محمد جاٽوءِ دلدار جا ڪو ڪان 3 نامعلوم موٽر سائيڪل سوار هٿياربند قورن هٿيارن جي زور تي 125 موٽر سائيڪل ڦر ڪري فرار ٿي ويو. اطلاع ملڻ تي پوليس ڪي ڊنو ويو، اطلاع ملندي ئي ايس ايڇ او ٽنڊو قربان ملاح /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

غوثپور دراني مهر ٽاٽي جي حد ڳوٺ قياس خان پيو پر سان مارٽر گولو ڦاٽڻ سبب 2 پورهيت نينگر فوت

ڳوٺ قياس خان پيو پر سان زمين تي پيل مارٽر گولو ڦاٽڻ سبب ڪائينون ڪندڙ زوهيب ۽ آڪاش پيو فوت ٿي ويا

حادثي ۾ عمر ۽ ماجد سخت زخمي ٿي پيا، جن کي وارثن پاران ڪنڊڪوٽ جي سرڪاري اسپتال منتقل ڪيو ويو

زمين تي ڪريل مارٽر گولو ڦاٽڻ سبب واقعو پيش آيو آهي، وڌيڪ جاچ ڪري رهيا آهيون: غوثپور پوليس جون ڳالهيون

غوثپور (رپورٽر: عبدالنبي ملڪ) غوثپور درائي مهر ٽاٽي جي حد ڳوٺ قياس خان پيو پر سان زمين تي پيل مارٽر گولو ڦاٽڻ سبب ڪائينون ڪندڙ 9 سالن جو نينگر زوهيب ۽ 13 سالن جر آڪاش پيو ڏڪي تي فوت ٿي ويا جڏهن ته مارٽر گولو ڦاٽڻ سبب عمر ۽ ماجد سخت زخمي ٿي پيا آهن جن کي وارثن پاران ڪنڊڪوٽ جي سرڪاري اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي زخمين ماں /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

ناروشاهه جي دستگير ڪالوني ۾ سالن جو پيٽيويو جي گهر تي ميبنا طور حملو، احتجاج

مارڪٽ ڪٽ بعد بن عورتن سميت تن ٻارڙن کي اغوا ڪرڻ جو الزام، احتجاجي مظاهرو ڪيو

سالا گهر تي حملو ڪري منهنجي زال ۽ منهنجي پاڃائي سميت تن ٻارڙن کي اغوا ڪري ويا، پيٽيويو

ناروشاهه (رپورٽر) ناروشاهه جي دستگير ڪالوني ۾ سالن جو پيٽيويو جي گهر تي ميبنا طور حملو مارڪٽ ڪٽ بعد بن عورتن سميت تن ٻارڙن کي اغوا ڪري ويا. نگران حڪومت جون ڪرايل خاطرين بي فائدا ثابت ٿيڻ لڳيون، صحافين پاران احتجاجي تحريڪ جاري

سياسي سماجي اڳواڻ آزاد اميدوار سردار الاهي بخش انيل پٽي نامزدگي فارم بحال

فارم بحال ڪيو ويو آهي هن اليڪشن ۾ مون کي عوام تي پورو پروسو آهي: سماجي اڳواڻ

گذريل 15 سالن کان پيپلز پارٽي عوام کان سمورين بنيادي سهولتون ڪسي ورتيون آهن: ڳالهيون

سکر(رپورٽر) سياسي سماجي اڳواڻ آزاد اميدوار سردار الاهي بخش انيل پٽي جو پي ايس 24 تي نامزدگي فارم بحال تفصيل موجب، پي ايس 24 تي سماجي اڳواڻ انيل پٽي جو نامزدگي فارم بحال ڪيو ويو. ان موقعي تي آر او آفيس باهران /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

سکر: سردار الاهي بخش انيل پٽي صحافين سان ڳالهائيندي

سکر جي شهيد صحافي جان محمد مهر جا اصل قاتل گرفتار نه ڪيا ويا، احتجاجي تحريڪ جاري

نگران حڪومت جون ڪرايل خاطرين بي فائدا ثابت ٿيڻ لڳيون، صحافين پاران احتجاجي تحريڪ جاري

سکر پريس ڪلب جي جنرل سيڪريٽري شهزاد تابائي، سيد اختر شاهه، آصف لوڏي پاران احتجاج ۾ شرڪت

سکر (رپورٽر) سکر پوليس 136 تي وڃڻ باوجود سکر جي شهيد صحافي جان محمد مهر جا اصل قاتل گرفتار نه ڪيا ويا. نگران حڪومت جون ڪرايل /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

پ اڳواڻ سيد خورشيد احمد شاهه جي رهائش گاهه تي اعزاز ۾ مچ ڪچهري منعقد

بلتستان، آزاد ڪشمير، پنجاب، ڪي پي جي ايم اين ايز، ايم پي ايز پاران شرڪت ڪئي وئي

اڳوڻو صوبائي وزير سيد ناصر حسين شاهه، شرڪيل انعام ميمڻ، مڪيش چاولا ۽ ٻين شرڪت ڪئي

سکر(رپورٽر) پ پ اڳواڻ سيد خورشيد احمد شاهه جي رهائش گاهه تي مهمانن جي اعزاز ۾ مچ ڪچهري ۾ گلگت بلتستان، آزاد ڪشمير، پنجاب، ڪي پي جي ايم اين ايز، ايم پي ايز ۽ پ پ اڳواڻن جي شرڪت مچ ڪچهري ۾ اڳوڻو صوبائي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

شهيد بينظير پٽو جي ورسي ۾ شرڪت لاءِ سکر کان قافلا پهتا، شاندار آڇيان

سيد ناصر حسين شاهه جي اڳوڻي ۾ سٽي باءِ پاس سکر کان ڪارڪن جو قافلو ٽڪٽو جي پيڙي چوڪ کان اڳوڻي صوبائي وزير سيد ناصر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

بس ٽرمينل ويجهو ويرهر خان مهر طرفان فائر ڪيل استقبالي ڪمپ تي قافلن جو استقبال ڪيو ويو

سکر(رپورٽر) شهيد جي ورسي ۾ شرڪت لاءِ سکر کان قافلا روانا ٿي ويا ان سلسلي ۾ روهڙي

سکر ۾ پريا ڪماري رهائي ڪميٽي طرفان اصغر مگريو ۽ ٻين جي بازيابي لاءِ احتجاج

نوجوان اصغر مگريو، علي حسن ميمڻ ۽ ٻين مغوين جي بازيابي لاءِ ڪمپ تي اڳواڻ پهتا

علي اصغر مگريو، محرابپور واسي شاگرد علي حسن ميمڻ سميت ٻين مغوين جي بازيابي لاءِ احتجاج

سکر(رپورٽر) سکر ۾ پريا ڪماري رهائي ڪميٽي طرفان نوجوان اصغر مگريو، علي حسن ميمڻ ۽ ٻين مغوين جي بازيابي لاءِ ڪمپ تي احتجاج /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

ملير جو سينئر صحافي فاروق پنگوار جي نانيءَ جهان مان لاڏاڻو ڪري وئي

سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي اگواڻن ڪارڪنن، صحافين سميت شهرين جو وڏي اڇ ۾ شرڪت

ڊاڪٽر علي نواز گبول، ڊويزنل سيڪريٽري منير مگسي ۽ ٻين پاران جنازي نماز ۾ شرڪت

ڪراچي (رپورٽ باغي ساگر) ملير جو سينئر صحافي فاروق پنگوار، نوجوان صحافي سجاد فاروق جي نانيءَ جهان مان لاڏاڻو ڪري وئي ، جنهن جي جنازي نماز ۾ سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي اگواڻن ڪارڪنن، صحافين سميت شهرين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

ملير جي سينيئر صحافي فاروق پنگوار جي نانيءَ جي وفات تي تعزيت جو سلسلو جاري آهي

سرڪاري آفيسرن خلاف شڪايتون آن لائين داخل ڪرائي سگهجن ٿيون: وفاقي محتسب

وفاقي محتسب جي هدايت تي جديد ويب سائيٽ متعارف ڪرائي ان کي فعال ڪيو ويو آهي

شڪايت جي پوئيواريءَ جي نظر ثاڻي ڪرڻ جو عمل پڻ هڪ ڪلڪ تي جاچي سگهجي ٿو

سکر(رپورٽر) وفاقي محتسب ريجنل آفيس سکر جي جاري ڪيل بڌرائيءَ ۾ جاڻايو ويو آهي ته وفاقي حڪومت جي ماتحت ڪم ڪندڙ سمورن سرڪاري ڪاتن جي آفيسرن خلاف شڪايتون آن لائين پٽ داخل ڪرائي سگهجن ٿيون. /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

سنڌي هاري تحريڪ نوشهرو فيروز جو اڳواڻ رضا محمد راڄپر لاڏاڻو ڪري ويو

رضا محمد راڄپر ڪينسر جي موذي مرض ۾ مبتلا رهڻ کان پوءِ لاڏاڻو ڪري ويو

ٻوٽ جمن راڄپر ۾ ادا ڪئي ويئي جنهن ۾ سائين متن مائٽن وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي

نوشهرو فيروز(ڊ) عوامي تحريڪ، سنڌي هاري تحريڪ ضلعي نوشهرو فيروز جو اڳواڻ رضا محمد راڄپر ڪجهه وقت ڪينسر جي موذي مرض ۾ مبتلا رهڻ کان پوءِ لاڏاڻو ڪري ويو جنهن جي جنازي نماز نوشهرو فيروز پرسان ٻوٽ جمن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

نوشهرو فيروز مان سوين گاڏين جو قافلو ضياءِ الحسن جي اڳواڻي ۾ ڳڙهي خدا بخش پهتو

سابق ايم پي اي ممتاز چانڊيو ضلعي صدر ليڊيز ونگ فاطمه شهناز انصاري ۽ ٻين پاران شرڪت

لڪين ماڻهو پيپلز پارٽي کي ووٽ ڏيڻ جو رڃ ڪندا، سان جا مخالف جلسو ڏسي گهبرائجي ويندا: اڳواڻ

نوشهرو فيروز(رپورٽر: منظور ملڪ) نوشهرو فيروز مان سوين گاڏين جو قافلو ڊويزنل صدر اڳواڻي قانون جي وزير ضياءالحسن انجار ضلعي صدر فيروز جمالي سابق ايم پي اي ممتاز چانڊيو ضلعي صدر ليڊيز ونگ فاطمه شهناز انصاري ايڊوڪيٽ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

نوشهرو فيروز مان سوين گاڏين جو قافلو ضياءالحسن جي اڳواڻي ۾ ڳڙهي خدا بخش پهتو

*** روزاني سنڌيار سکر پبلشر سم پرنٽنگ پريس بي آر آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي سکر آفيس گهر نمبر سي 92، ڌهلي مسلم هائوسنگ سوسائٽي ايئرپورٽ روڊ سکر مان پڌري ڪئي وئي ***

روزاني
سنڌيار
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com
ايڊيٽر: اعجاز مهر
خميس 28 ڊسمبر 2023ع

پاڙوهي هيڪار، مون کان پُڇيو سَڄڻين:
اَلَسْتُ بِرَبِّكُم. چَيائون جنهن وارَ:
سَندي سورَ ڪِنارَ، تَنَ تَڏهانڪُون نہ لهي.

ماهر رنگ بلوچ جو ڪو به مطالبو غير آئيني ۽ غير قانوني ناهي

تحرير: زرار پيرزادو

اڄ ڪلهه ڊاڪٽر "ماهر رنگ" پنهنجي نالي وانگر جنڊ جيان سڄي ملڪ جي سياسي افق تي چمڪي رهي آهي. ماهر رنگ معنيٰ جنڊ جهڙي. سو نالي جي چڪ ٿيندي آهي. هن کي جنڊ وانگر پنهنجي روشن ڪردار سان نروار ٽيٽو ٿي هو، سا ٿي وئي آهي.

پر سوال اهو آهي ته اها جنڊ جهڙي معصوم چوڪري سياسي جنڊ بڻجي ڇو اپري آهي، ان کي سياسي جنڊ ڪهڙين حالتن ٻڌايو هيء؟ ته ڊاڪٽر ماهر رنگ جي مسيحائي جنڊ ٿي اپرڻ هوءَ؟ ان جو جواب سندس خوفناڪ سياسي پس منظر آهي، اصل ۽ استيبلشمينٽ جي غلط پاليسين ٿي ڪيس مزاحمتي سياست ڪرڻ ٿي مجبور ڪيو.

ريورٽن موجب هيءَ پنجن سالن جي هئي، ڇهين ڪلاس ۾ پڙهندي هئي ته ڪاهي ڏر سان سلهاڙيل واپڊا ملازم سندس والد ڪنيچي ويرجنهن جي بازيابي لاءِ ٻڌهن ٽي هن ڏرتي ڌڻوهوءَ تقرير ڪندي ٻڌهن ان ابهڙ ڀارڙيءَ روئي به ڏٺو هو.

سندس والد کي ورهي 2009ع ۾ ڪنيئرويو ۾ سال 2011ع ۾ سندس ڇوڙيل لاش ملير. والد جي شهادت ڪانپوءِ سندس امڙ پنهنجي هڪ ٻڌ ۽ ڇٽن ڏيئرن جي تحفظ لاءِ بلوچستان مان ڪراچي لڏي آئي ۽ گمنامي ۾ رهڻ لڳي. بيءَ ڪانپوءِ ماهر رنگ جو سياسي استاد ذاڪر بلوچ ٻڌيو جيڪو پوءِ اڄ ڪنيئل آهي.

ماهر رنگ جي ڇهري نان ائجان والد جي شهادت واري گرهه ختم ٿي نه ٿي هئي ته ڪيس وري اڪيلي پياري پاڻ جي ڪنيچ جو صدمو رسيو. 2016ع ۾ لاپته ٽيل سندس پاڻ جي ائجان تائين ڪا خبر ناهي ته اهو ڪٿي آهي.

انهن هن ذاتي صدمن کي ماهر رنگ اجتماعي قومي جذبي جي طاقت ۾ بدلايو ۽ سندس سياسي شعور جي به اها تقاضا ٻڌي ته هوءَ رڳو پنهنجي والد جي انصاف ۽ پاڻ جي گولها لاءِ نه پر 8 هزار گم ٽيل بلوچن جي گولها لاءِ ٻتوڙي.

هن گهٽ‌ڻ‌ي صبر ڪيو. گهٽ‌ڻ‌ي انتظار ڪيو. بلوچستان ۾ رهندي گهٽ‌ڻ‌يون ٿي ڪوشش ڪيون ٿيٽ سندس صبر ليريز ٽيو ۽ هن پنهنجي اڳواڻيءَ ۾ اسلام آباد تائين هزارين عورتن ۽ ٻارن سوڙو ان نعري تحت پنڊ لانگ مارچ ڪيو ته "اسان جا مرد ڪٿي آهن، اسان اهو پڇڻ اسلام آباد ٿا اچون. اسان کي ٻڌايو وڃي ته اسانجا ٻيئر، مؤس، پاڻ ڇاڇا، ماما، مٽ مائٽ ڪٿي آهن؟

ماهر رنگ پيادل مارچ دوران خطاب ڪندي ۽ ميڊيا سان گڏالهائيندي چوندي رهي ته اسانجي ڪا سياسي ايجنڈا ناهي، اسان صرف ۽ صرف پنهنجن ساه سيبائن جي مالڪي ۽ آزادي ٿا گهرون.

ماهر رنگ اهو چوندي رهي ته اسان کي اسلام آباد مان انصاف جي اميد نه هئي نه آهي، 76 سالن جي تاريخ اسان ۽ اوهان جي آڏو آهي. اسان صرف پنهنجي بلوچ قوم کي جاڳائڻ لاءِ ۽ دنيا کي زميني حقيقتون ٻڌائڻ لاءِ اسلام آباد آيا آهيون ۽ ان مقصد ۾ ڪامياب ٿيا آهيون.

اوهان ڏٺو ته اسان بلوچ نيائين کي اسلام آباد ۾ پريس ڪلب آڏو ڊرٽو به هٽڻ نه ڏنوو. اسان عورتن تي مرد اهلڪارن تشدد ڪيو. عورتن تي هٿ ڪنيو ويو جڏهن ته اسان جو پرامن احتجاج هو پر ويو سپ اسان بلوچ نيائين کي اهو پيغام ڏنو ويو ته اسلام آباد بلوچستان جو ناهي، بلوچ عورتن لاءِ اسلام آباد ۾ احتجاج ڪرڻ جي جاءِ ناهي..

هاڻي ڪير ٻڌائي ته ماهر رنگ ۽ هزارين بلوچ عورتن ۽ ٻارن جو ڪهڙو ڏوهه آهي، اهي چون ٿيون ته جن حا رت کا رشتا مري ويندا آهن تن کي به هميشہ ياد ڪيو ويندو آهي، انهن حون رسيون ملهايون ويندين آهن، اسان جا ته جيئرا جاڳندا مرد گم ٽيل آهن ته انهن کي ڪيئن وساريندا سين، ڪيئن انهن کي ياد نه ڪندا سين ۽ چو نه انهن جي گولها ڪندا سين؟

جيڪڏهن ماهر رنگ جي والد جو ڇيرل لاش نه ملي ها، سندس پاءُ لاپتا نه ٿيل ها ته هوءهن مزاحمتي رستي تي ٻيهل نظر نه اچي ها نه ئي ذاتي صدمن کي اجتماعيت ۾ تبديل ڪري سڀني ڪنيي گر ڪيلن جي آزادي جو آواز ٻڌجي ها.

پلاڪير پنهنجي گر ٽيل گهر پاتين جي گولها نه ڪندو، انهن جي آزادي لاءِ آواز نه اٿارينڊو. جدوجهد نه ڪندو، اهو ته پونئرن جو فطري فرض ۽ اخلاق آهي

سو بجاءِ ان جي ته ملڪي ادارا، حڪومتون، عدالتون پوليس ۽ قانون لاڇوڪرندڙ ادارا متاثر خاندان جي مدد ڪن، سندن روز مرڻ ۽ روز جيئڻ وارو انتظار ختم ڪن. الٽو پيدل مارچ ڪندڙ عورتن ۽ ٻارن تي به تشدد ڪيو ويو وڃي ۽ بقول ماهر رنگ جي ته هن هلندڙ مارچ مان ٿي بلوچ شاگردن کي ڪنيو ويو آهي ڪانئن مائيڪن ڪسيون ويون آهن ته جيئن تقريرون نه ڪري سگهن ته ٻوءِ هاڻ ڪهڙا ڪيئن نه ٽيندي، احتجاج ڪيئن نه وڌندو

ماهر رنگ ۽ هزارين عورتن ٻارن جو ڇا اهو ڏوهه آهي ته اهي پنهنجن مردن جي آزادي جو مطالبو ڪن ٿيون، آئين، قانون ۽ انصاف جي بالادستي لاءِ ٿيون آواز اٿارين؟ اهو مطالبو ته خود ملڪ جي مفاد ۾ آهي سو ماهر رنگ ۽ هزارين بلوچ عورتن جو ڪو به مطالبو غير قانوني، غير آئيني ۽ غير جمهوري ناهي.

سو نوٽ ڪرڻ جي ڳالهه اها آهي ته ڪنيبل ماڻهن جو ڪو ڏوهه آهي، ڪو ڪيس آهي ته ان جون قانوني گهرجون پوريون ڪيون وڃن، جيڪڏهن اهي گهرجون پوريون نه ٿيون ٿين ته ان عمل کي "لاقانونيت" ٿي چئبو ۽ لاقانونيت خلاف پوءِ جيڪڏهن ڪير آواز اٿارينڊو. مزاحمت ڪندو نه ظاهر آهي ته جڳ ان کي "هيرو" چوندو. ماهر رنگ کي اڄ جي سورمي ٿي چيو ويندو. جيڪا ٿي چڪي آهي.

بينظير، ساروٽيون ۽ اڇوکي سياست

نصير ميمڻ

پانڻيان ٽوتہ سن 2000ع جي ڳالهه آهي، تڏهوڪي صدر جنرل پرويز مشرف اقتدار تي قبضو ڪرڻ کان ستت پوءِ ڪالابا غ ڊيم ناهڻ جو اعلان ڪيو. مان ان وقت مهراڻ يونيورسٽيءَ ۾ ليڪچرار هئس. مرحوم عبدالرسول ميمڻ سان پاڻيءَ وارا معاملا سمجهڻ لاءِ هر ٻڌيون ٽڻيون ڊينهن سائنس گهر ملڻ ويندو هئس. مون ان وقت ڪالا با غ ڊيم جي فني پاسن تي جهجهو مواد پڙهي ورتو هو. سنڌي اخبارن ۾ ته لکندو هئس پر انگريزيءَ ۾ لکڻ جو تجربو نه هو. ڊان ۾ ڪجهه ايڊيٽر ڏانهن خط چيپل هٿا پر اڄان ڊان جهڙي اخبار ۾ مضمون لکڻ جوست نه ساريو هئم. بهرحال ڪجهه ڪتاب ۽ مضمون پڙهي، وائر انجنيئرنگ سبجيڪٽ بابت پنهنجي ڄاڻ جو استعمال ڪندي ڪالابا غ ڊيم بابت پنهنجي موقف کي فني دليلن سان لکڻ شروع ڪيو. ڪجهه ڊينهن اندر پهريون ڊرافٽ تيار ڪري سائين عبدالرسول ميمڻ کي ڏيکاريو، جنهن ڪجهه رهنمائي ڪري چيو ته هي مضمون ڊان اخبار کي موڪلي ڏي. ڊان کي اي ميل وسيلي مضمون موڪليندي هڪ‌ڀيرو پئي ٻر دل ٻڌي موڪلي ڏنم. هفتي ڪن اندر ڊان اخبار "اڪنامڪ اينڊ بزنس رويو" واري سيڪشن ۾ سڄو ساروڻ صفحو ڏيندي ان مضمون کي Is there enough water for Kalabagh Dam? جي عنوان سان نمايان ڪري ڇاپيو. ان مضمون جي زبردست موٽ ملي. مضمون ڇپجڻ ڪان به تي ڊينهن پوءِ هڪ اي ميل ملي، جنهن ۾ بظاهر محترمہ بينظير پٽو صاحبہ پاران منهنجي مضمون تي شاباس ڏيندي چيو ويو ته مان ورلد بينڪ وارن کي هڪ خط لکڻ ٿي گهران ته اهي ڪالابا غ ڊيم منصوبي لاءِ جنرل مشرف جي حڪومت کي ڪابہ فني يا مالي واهر فراهم نه ڪن. بينظير صاحبہ اجازت گهري ته مان ان مضمون مان ڪجهه حوالا خط جو حصو بنائڻ ٿي گهران. مون پڪ سمجهيو ته ڪنهن دوست مون کي بيوقوف بنائڻ لاءِ اها اي ميل هٿراڏو اڪائونٽ تان موڪلي آهي. ايئن ان اي ميل جي ڪابہ وندر نه لکيم. ڪٿي بينظير صاحبہ جهڙي شخصيت، ڪٿي مون جهڙو نندڙو ماڻهو! اجازت ڪهڙو وارو ڪوڙو ٿي نڪي لڳو

اتفاق سان هڪ ڊينهن پوءِ حيدرآباد ۾ ڪٿي پيپلز پارٽي جو هڪ اڳواڻ ڪنهن پروگرام ۾ ملي ويو. مون دوستيءَ ۾ ڪيس گذارش ڪئي ته بي بي صاحبہ جي نالي سان ماڻهو هٿراڏو اڪائونٽ ناهي هن قسم جون مشڪريون ڪن ٿا. ان اڳواڻ (نالو ياد نه اٿم) چيو ته جنهن ايڊريس تان اي ميل آئي آهي، اها مون کي ٻڌائجان، ته ڏسي ولندا سين. گهر پهچي ڪيس اي ميل ايڊريس ميسيج ڪري موڪليم. ڪلاڪ ڪن ۾ فون ڪري چيائين ته بنا دير جي اي ميل جي ورندي موڪل. هيءَ بينظير صاحبہ جي ذاتي اي ميل ايڊريس آهي. مون کي وري به يقين نه آيو پر ان دوست جي ڇوٽ‌ي مختصر ورنديءَ ۾ بي بي صاحبہ جا ٽورا مجيندي منهنجي مضمون جي حوالي ڏيڻ کي پنهنجي لاءِ عزت جو ڪارڻ ڄاڻايو.

هڪ ٻن ڊينهن ڪانپوءِ بينظير صاحبہ جو ورلڊ بينڪ کي لکيل خط ملڪي اخبارن ۾ نمايان خبر طور چيپل هو ۽ پاڻ ان خط جي اصل ڪاپي به مون کي اي ميل وسيلي موڪلي ڏنائون. ان خط ۾ بينظير صاحبہ منهنجي اي ميل ايڊريس ۽ ڄاڻائيندي ورلڊ بينڪ کي لکيو ته اوهان ان بابت کي وڌيڪ تفصيل ڄاڻڻ گهرو ته مون سان رابطو ڪري سگهو ٿا. اهو سڄ ته مون لاءِ هڪ وڏو اعزاز هو. ان اهر ڳالهه جنهن بينظير صاحبہ جي وڏائيءَ کي ظاهر ڪري ٿي رهي آهي، بلاول پٽو جي نامزدگي ڪاغذن جي ڪليل خط ۾ منهنجو حوالو به شامل ڪيائين. اهڙا رويا تمام گهٽ ماڻهن ۾ نظر اچن ٿا.

ان ڪهڙهه ڪانپوءِ بينظير صاحبہ سان اي ميل تي رابطو شروع ٿيو ۽ هڪ ٻن هفتن ڪانپوءِ ڪنهن نه ڪنهن معاملي تي رابطو ٿيندو هو. انهن ڏينهن ۾ عبدالرسول ميمڻ صاحب جو لاڏاڻو ٿيو ته بينظير صاحبہ کي اي ميل وسيلي اطلاع ڏنم. پاڻ مونکي جوابي اي ميل لکيائون ته منهنجي پاران عبدالرسول صاحب جي پوئنئرين سان تعزيت ڪري منهنجو نياپو پهچائجان. مون سندن هدايت تي عمل ڪيو.

ان وچ ۾ مان اسلام آباد ۾ هڪ آئل اينڊ گئس ڪميني پريميئر آئل ۾ انٽرويو وسيلي سليڪٽ ٿي ويس ته يونيورسٽيءَ جي نوڪري ڇڏي اسلام آباد هليو آيس. 2001ع ۾ مان لاهور هڪ ٽريننگ لاءِ وڃي رهيو هئس. ڪنهن اي ميل ۾ مون بينظير صاحبہ سان ائين گهڻو ڪئي ته مان ڪجهه ڏينهن لاءِ لاهور وڃي رهيو آهيان. مون لاءِ اها هڪ رواجي گهڻ هئي پر سندن سوچ جي وسعت ان ۾ به هڪ موقعو ڏسي ورتو. مون کي اي ميل ڪيائون ته پنجاب ۾ پ ب جا اڳواڻ ڪالابا غ ڊيم بابت سندن جي مؤقف کان گهٽ واقف آهن. لاهور ۾ انهن سان ملاقات ڪري ڪين پاڻيءَ واري معاملي تي سندن جو مؤقف سمجهائڻ جي ڪوشش ڪريو. پاڻ هڪدم پ پ پنجاب جي تڏهوڪي صدر قاسر ضياءَ ڪي ان ڏس ۾ اي ميل تي ڪاپي موڪليائون. قاسر ضياءَ ڪي شاباس هجي جو مون کي ذاتي طور لاهور ايئرپورٽ تان ونڊ آيو ۽ رات جي مانيءَ تي پ پ پنجاب جي ڏاهو ڪن ڪهڪ ڪرايائين، جنهن دوران پاڻيءَ واري معاملي تي مون کين سندن جي خدشن ۽ اعتراضن بابت تفصيل سان ٻڌايو هنن ڪيترائي سوال پڻ ڪيا. واٽر انجنيئرنگ جيئن ته منهنجو سبجيڪٽ هو، تنهنڪري مون سندن سڀني سوالن جا جواب ڏنا. پ پ پنجاب جي قيادت بينظير صاحبہ کي ان ملاقات بابت سڀي موٽ ڏني. پاڻ ان تي تمام گهڻي خوشيءَ جي اظهار واري اي ميل پڻ مون کي موڪليائون. منهنجي لاهور وڃڻ واري اي ميل تي شايد باراڻي ڳالهه هئي پر پاڻ هڪ وڏي نظر رکندڙ اڳواڻ طور ان موقعي کي به سندن جي فائدي وٽان استعمال ڪيائون. ايتري سوجهه پارٽيءَ جي هاڻوڪي قيادت وٽ پري پري نه تائين نه ملندي.

2005ع ۾ پرويز مشرف هڪ پيرو پيهر ڪالابا غ ڊيم جو اعلان ڪيو. مان ان وقت ليڊ پاڪستان سان يو ايس ايڊ جي هڪ پروجيڪٽ تي ڪم ڪري رهيو هئس. هڪ ڊينهن اسلام آباد ۾ ڪنهن ميٽنگ ۾ هئس ته شهر جي ڪوڏ واري هڪ نمبر تان ڪال اچڻ لڳي. ڪال ڪٽيندو رهيس پر ڪال اچڻ بند نه ٿي ٿي. نيٽ ميٽنگ مان باهر نڪري ڪال ڪنيرہ ته اڳيان بينظير صاحبہ جي پرسنل سيڪريٽريءَ ڳالهايو چيائين ته اوهان ڪجهه سال اڳ ڪالابا غ ڊيم بابت ڊان ۾ لکيل خط جي اصل ڪاپي به مون کي اي ميل وسيلي موڪلي ڏنائون. ان خط ۾ بينظير صاحبہ منهنجي اي ميل ايڊريس پڻ ڄاڻائيندي ورلڊ بينڪ کي لکيو ته اوهان ان بابت کي وڌيڪ تفصيل ڄاڻڻ گهرو ته مون سان رابطو ڪري سگهو ٿا. اهو سڄ ته مون لاءِ هڪ وڏو اعزاز هو. ان اهر ڳالهه جنهن بينظير صاحبہ جي وڏائيءَ کي ظاهر پئي ڪيو ته پاڻ منهنجي مضمون کي حوالي طور استعمال ڪرڻ لاءِ مون کان رسمي طور اجازت گهرائيون ته ورلڊ بينڪ کي لکيل خط ۾ منهنجو حوالو به شامل ڪيائين. اهڙا رويا تمام گهٽ ماڻهن ۾ نظر اچن ٿا.

ان لکپڑ

بقايا سنڌيار 01

محتسب جو دائرو، اختيار، شڪايتون داخل ڪرڻ جا طريقا ۽ وفاقي محتسب جي علاقائي آفيسن سميت سموري ضروري معلومات انگريزي ۽ اردو ۾ پڻ ڈني وئي آهي. هن بحاليءَ کان پوء، هائي ڪورٽ مائٿو پنهنجي گهربل معلومات تائين رسائي آساني سان ۽ جلدي ڪري سگهي ٿو. وفاقي محتسب ڪالهه ويب سائيٽ جو افتتاح هڪ سادي ۽ پروقار تقريب ۾ ڪيو جنهن ۾ وفاقي محتسب سيڪريٽريٽ جي اعليٰ آفيسرن ۽ علاقائي آفيسن جي سربراهن آن لائن شرڪت ڪئي. ان موقعي تي چيئرمين پاران 8 فيبروري تي آفيسن جو اعلان ڪرڻ باوجود ايجان تائين سندن ڳولن ۽ رابطو ڪرڻ جو موجود هڻا، جن هن ويب سائيٽ کي بهتر ۽ وڌيڪ ڪارائتو بڻائڻ ۾ مدد ڪئي. افتتاحي تقريب کي خطاب ڪندي وفاقي محتسب سيڪريٽري چيو ته وفاقي محتسب سيڪريٽريٽ جي ويب سائيٽ تي رڳوعام ماڻهن ۽ شڪايت ڪندڙن کي معلومات فراهم ڪرڻ جو هڪ اهم وسيلو آهي پر ان ڪانسواءِ پوسٽ يا سفر جي تڪليف کان سواءِ اسان آن لائن شڪايتون پڻ فراهم ڪري رهيا آهيون. رجسٽريشن جي سهولت، هن چيو ته هائي پاڪستان جي ڊوراڻهن علاقڻن ۾ رهندڙ گهٽ پوهيل ليکيل ماڻهو اردو ۽ ڏنل معلومات سڌو سنئون استعمال ڪري سگهندا ۽ اهي شڪايتون داخل ڪرائڻ لاءِ وفاقي محتسب سان رابطو ڪري انهن شڪايتن تي ايڪشن وٺي سگهندا، جنهن سان ڪين آگاهي ڏيڻ ۾ تمام گهڻي سهولت هوندي. . هن وڌيڪ چيو ته جديد ٽيڪنالاجي ۽ اوزارن جي مدد سان ويب سائيٽ کي هائي نڀين سر ترتيب ڏنو ويو آهي ۽ ان جي رفتار ۽ استعمال ۾ آساني ۽ سان اضافو ڪيو آهي، ان ۾ انگريزي ۽ اردو متن جي موجودگيءَ سان اهي ماڻهو جيڪي انگريزيءَ جي ڪري مشڪلاتن کي منهن ڏئي رهيا هئا. متن آڇڻو ان مان فائدو حاصل ڪرڻ لاءِ ڪو به ماڻهو پنهنجي گهربل معلومات تائين رسائي آساني سان ۽ جلدي ڪري سگهي ٿو. وفاقي محتسب ڪالهه ويب سائيٽ جو افتتاح هڪ سادي ۽ پروقار تقريب ۾ ڪيو جنهن ۾ وفاقي محتسب سيڪريٽريٽ جي اعليٰ آفيسرن ۽ علاقائي آفيسن جي سربراهن آن لائن شرڪت ڪئي. ان موقعي تي نيشنل انفارميشن ٽيڪنالاجي بورڊ (NITB)جا نمائندا پڻ موجود هئا، جن هن ويب سائيٽ کي بهتر ۽ وڌيڪ ڪارائتو بڻائڻ ۾ مدد ڪئي. افتتاحي تقريب کي خطاب ڪندي وفاقي محتسب سيڪريٽري چيو ته وفاقي محتسب سيڪريٽريٽ جي ويب سائيٽ تي رڳوعام ماڻهن جي هڪ اهم وسيلو آهي پر ان ڪانسواءِ پوسٽ يا سفر جي تڪليف کان سواءِ اسان آن لائن شڪايتون پڻ فراهم ڪري رهيا آهيون. رجسٽريشن جي سهولت، هن چيو ته هائي پاڪستان جي ڊوراڻهن علاقڻن ۾ رهندڙ گهٽ پوهيل ليکيل ماڻهو اردو ۽ ڏنل معلومات سڌو سنئون استعمال ڪري سگهندا ۽ اهي شڪايتون داخل ڪرائڻ لاءِ وفاقي محتسب سان رابطو ڪري انهن شڪايتن تي ايڪشن وٺي سگهندا، جنهن سان ڪين آگاهي ڏيڻ ۾ تمام گهڻي سهولت هوندي. . هن وڌيڪ چيو ته جديد ٽيڪنالاجي ۽ اوزارن جي مدد سان ويب سائيٽ کي هائي نڀين سر ترتيب ڏنو ويو آهي ۽ ان جي رفتار ۽ استعمال ۾ آساني ۽ سان اضافو ڪيو آهي، ان ۾ انگريزي ۽ اردو متن جي موجودگيءَ سان اهي ماڻهو جيڪي انگريزيءَ جي ڪري مشڪلاتن کي منهن ڏئي رهيا هئا. متن آڇڻو ان مان فائدو حاصل ڪرڻ لاءِ ڪو به ماڻهو پنهنجي گهربل معلومات تائين رسائي آساني سان ۽ جلدي ڪري سگهي ٿو. وفاقي محتسب ڪالهه ويب سائيٽ جو افتتاح هڪ سادي ۽ پروقار تقريب ۾ ڪيو جنهن ۾ وفاقي محتسب سيڪريٽريٽ جي اعليٰ آفيسرن ۽ علاقائي آفيسن جي سربراهن آن لائن شرڪت ڪئي. ان موقعي تي نيشنل انفارميشن ٽيڪنالاجي بورڊ (NITB)جا نمائندا پڻ موجود هئا، جن هن ويب سائيٽ کي بهتر ۽ وڌيڪ ڪارائتو بڻائڻ ۾ مدد ڪئي. افتتاحي تقريب کي خطاب ڪندي وفاقي محتسب سيڪريٽري چيو ته وفاقي محتسب سيڪريٽريٽ جي ويب سائيٽ تي رڳوعام ماڻهن جي هڪ اهم وسيلو آهي پر ان ڪانسواءِ پوسٽ يا سفر جي تڪليف کان سواءِ اسان آن لائن شڪايتون پڻ فراهم ڪري رهيا آهيون. رجسٽريشن جي سهولت، هن چيو ته هائي پاڪستان جي ڊوراڻهن علاقڻن ۾ رهندڙ گهٽ پوهيل ليکيل ماڻهو اردو ۽ ڏنل معلومات سڌو سنئون استعمال ڪري سگهندا ۽ اهي شڪايتون داخل ڪرائڻ لاءِ وفاقي محتسب سان رابطو ڪري انهن شڪايتن تي ايڪشن وٺي سگهندا.